امام الانبياء صلى الله عليه وسلم جو اخلاق

سيد اظهر گيلاني

اخلاق لغوي حيثيت سان خُلق جو جمع آهي، خُلق ان راسخه نفسايه جو نالو آهي، جنهن جي طفيل خُلق جي صاحب جا افعال و اعمال سهولت سان صادر ٿيندا آهن. هي ڪلي منزل جي هڪ جنس آهي، ان جا ٻه نمايان قسم آهن.(1)خلق حسن(2) خلق سيء. انهن مان هر هڪ بڪثرت انواع (قِسمن) تي مشتمل آهي.

هر خلق حسن جي مقابله ۾ خلق بد به ٿئي ٿو،

مثلاً

- سخاوت جي مقابلي ۾ بخل،
- شجاعت جي مقابلي ۾ بزدلي،
- نيڪي جي مقابلي ۾ بدي وغيره.

صداقت تي شاهد، صداقت نبي جي.

فضيلت تي مهر آه، فضيلت نبي جي.

اخلاق حسنه جو تذڪرو

محمد ﷺ جن اخلاق حَسن جا سر چشمه ۽ جمله ستوده (سِڌن) فعال جا مصدر ۽ مُرجع هئا. هن ڏس ۾ علم جو دامن ناقص، وسعت قلم قاصر، ڪلڪ انهن جي اخلاق حميده جي قرطاس تي، تصوير ڪشي ڪيئن ٿي ڪري سگھي؟

سبحان زماني ڪي، ارواح جي عالم ۾،

تصوير ٿي تڙپائي ۽ طرز سخن ان جي،

آنحضرت ﷺ جن محبوب خدا، ختم الانبياءَ، شافع روز جزا، باعث دنيا و عقبيٰ، مالڪ ارض و سما:- رشڪ عيسيٰ، رشڪ موسيٰ، باعث دنيا، وارث عقبيٰ، آهي يڪتا، شافع محشر ﷺ.

امڪان جي عالم ۾ هر حڪيم کان حڪيم تر، هر دانا کان دانا تر، هر عدالت شعار کان زياده عادل، هر رحيم ۽ مهربان کان وڌيڪ رحيم، بلڪه مجسمه حڪمت و دانش، عادل و سراپا رحمت هئا:-

نور مجسم، رحمت يزدان،

دهر جو سرور شافع محشر.

دنيا کان نفرت

صحيح مسلم ۾ لکيل آهي، هڪ ماڻهو حضور ﷺ جن جي ڪچهري ۾ داخل ٿي ڏٺو ته آنحضرت ﷺ جن تڏي تي، سر جي هيٺيان کجي جو وهاڻو رکي سمهيا پيا هئا. سندن چهره انور ۽ جسم اطهر تي تڏي ۽ وهاڻي جا نشان موجود هئا. هٿ جوڙي عرض ڪيائين. حضرت، عجم ۽ روم جا بادشاهه ريشم ۽ اطلس جي سينگاريل سيجن تي سمهندا آهن، اوهان ٻن جهانن جا سردار اهڙيءَ حالت ۾ ڇو سمهيا پيا آهيون؟

پاڻ فرمايائون:”حالانڪ هو ريشمي سيجن تي سمهندا آهن، مگر رب العزت جي دربار ۾ آءٌ باعزت ۽ گرامي تر آهيان. رهي دنيا، دنيا سان منهنجو ڪهڙو ڪم؟“

دراصل انسان جو مثال ائين آهي، جيئن ڪو سوار سفر جي عالم ۾ هڪ وڻ وٽان گذر ڪري، ۽ ان وڻ جي ڇاپي ۾ جهٽ سوا آرام ڪرڻ لاءِ لهي، جئن ڇاپو لڙي هڪدم اُٿي سامان ٻڌي، وڻ کي خيرباد چئي روانو ٿي وڃي.

امام باقر (رضي الله تعاليٰ عنه) کان روايت آهي ته آنحضرت ﷺ جن مهد کان لحد تائين سانده ٿي ڏينهن پيٽ پري ڪڻڪ جي ماني نه کاڌي هئي، جيڪڏهن چاهين ها ته اعليٰ قسم جو کاڌو به کائي ٿي سگهيا، مگر ڪوشش ڪري لذيذ طعام نه واپرائيندا هئا. ٿي پيرا جبريل امين ”گنج هائي زمين“ جون ڪُنجيون ڪٺي سندن خدمت با برڪت ۾ پيش ٿيو، حق جي طرفان اهو پيغام به ڏنائين،”جيڪڏهن اوهان جو ارادو هجي ته روئي زمين جي ظاهري بادشاهي به اوهان جي حوالي ڪئي وڃي، ۽ آخرت جي ثواب ۾ به ڪمي ڪا نه ايندي.“ ليڪن حضرت ﷺ جن ”گنج هائي زمين“ جون چابيون قبول نه ڪيون.

زمانه منهنجي اڳيان مال و زر کي پيش ڪيو”اظهر“

مگر مون فائدو پنهنجو ڏٺو انڪار و نفرت ۾

خنده روي

آنحضرت جن جي ڪل جو اُچو آواز نه ٻڌو ويو هو، صرف مشڪندا هئا، جيڪڏهن ڪو انسان اڍنگي روش اختيار ڪندو هو ته ان جو مقابلو حسن سلوڪ ۽ خنده

پيشاني سان ڪندا هئا. امام جعفر صادق رضي الله عنه کان روايت آهي ته ”هڪ سائل دربار رسالت ۾ حاضر ٿي، بخشش جو عرض ڪيو.“ پاڻ فرمايائون ”اڄ ڪو ماڻهو مون کي قرض ڏيندو.“ هڪ انصاري جُهڪي عرض ڪيو بنده حاضر آهي، پاڻ فرمايائون ته”سائل کي چار وسق خرمو ڏي.“

ڪجھ وقت ڪانپوءِ انصاري خدمت ۾ حاضر ٿي، قرض (جي واپسيءَ جي) تقاضا ڪئي.

حضور ﷺ جن فرمايو”انشاءَ الله ملڻ تي اوهان کي ملي ويندو.“ اهڙي طرح هو ٽي دفعا آيو ۽ ساڳيو جواب مليس، پوئين ڀيري انصاري عرض ڪيو ته يا رسول الله اوهان هر ڀيري ساڳيا الفاظ دهرائيندا آهيو، ڇا سبب آهي؟

پاڻ مشڪندي فرمايائون ته اڄ ڪهڙو شخص مون کي قرض ڏيندو؟ هڪ ماڻهو ڪچهري مان اُٿي بيٺو. حضور ﷺ جن حڪم ڏنس ته ”هن کي اٺ وسق خرمو ڏي“ انصاري عرض ڪيو”آقا، اوهان جي حڪم تي مون چار وسق خرمو ڏنو هو.“ حضور ﷺ جن فرمايو”مون چار اوهان کي انعام طور ڏنو.“

نيڪي ڪرڻ جڳائي، اُن جي بدي جي بدلي،

قتل عدو جي قابل، شمشير آه احسان.

تواضع ۽ انڪساري

آنحضرت ﷺ جن معصومين ڪريمين جا سرتاج ۽ هر گناه کان پاڪ هئا:-

ٺهي ٿو واه جو سر تنهنجي تي اي سرور تاج

سڏن ٿا توکي حسينان دهر سڀ سرتاج

انهيءَ هوندي به هر روز ستر دفعا توبه ڪندا ۽ اتوب الي الله فرمائيندا هئا. سلام ڏيڻ ۽ هٿ ملائڻ ۾ به تڪڙ ڪندا هئا، يتيمن سان پيار، غريبن سان همدردي ۽ مسڪينن جي مدد ڪندا رهندا هئا.

هڪ ماڻهو دربار رسالت ۾ حاضر ٿي ڏهه درهم هديه پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو، ان وقت حضور ﷺ جن جو پهراڻ ڦاٽل هو. حضرت علي ڏانهن نهاري فرمايائون”اي علي، منهنجي لاءِ بازار مان پهراڻ خريد ڪري اچ.“ اميرالمومنين فرمائن ٿا ته ”آءٌ بازار مان

ڏهين درهمين پهراڻ خريد ڪري آيس، حضور ﷺ جن ڏسي فرمايو“ مون کي انهيءَ کان سادو ۽ گهٽ قيمت وارو پهراڻ گهرجي. دڪاندار واپس نه وٺندو ڇا؟ ”مون عرض ڪيو ته شايد هو واپس ڪرڻ تي راضي ٿئي. آءٌ دڪاندار وٽ ويس هن اها رقم واپس ڪئي. آنحضرت ﷺ جن مون سان بازار ڏانهن گڏجي هليا. رستي ۾ هڪ امير جي نوڪرياڻي روئي رهي هئي. حضور ﷺ جن شفقت سان پڇيس ته تنهنجي رئڻ جو ڇا سبب آهي؟ ڪنيز عرض ڪيو مون کي گهر جي مالڪن سودي جي لاءِ چار درهم ڏنا هئا، اهي رستي ۾ گم ٿي ويا آهن. آنحضرت جن ڪنيز کي چار درهم ڏئي، هدايت ڪئي ته بازار مان سودو وٺي فوراً گهر وڃ.

حضرت ﷺ جن چار درهم ڏئي، بازار مان پهراڻ خريد ڪيو، واپس ورڻ تي هڪ انگ اگهاڙو انسان بلند آواز سان چئي رهيو هو ته اڄ جيڪو ماڻهو مون کي پهراڻ پارائيندو، خدا پاڪ ان کي بهشتي وڳي سان نوازيندو.“

حضور ﷺ جن پهراڻ ان جي حوالي ڪيو. دوباره بازار پهچي ڇهن درهمن ۾ ٻيو پهراڻ خريد ڪيو. جيئن جو واپس ورياسون، رستي ۾ ساڳي نوڪرياڻي نظر آئي. آنحضرت جن پڇيس ته”تون اڃا تائين اتي ڇو ويٺي آهين؟“هن عرض ڪيو، دير ٿي وئي آهي، مار جي ڊپ ڪان گهر نه ٿي وڃان.

آنحضرت ﷺ جن ان سان گڏجي سندس گهر جي دروازي تي پهچي ٻه دفعه فرمايو”السلام عليڪم يا اهل البيت“ اندران ڪو به جواب نه آيو. آخرڪار ٽئين دفعي آواز ٻڌڻ ۾ آيو. عليڪم السلام يا رسول الله و رحمة الله وبرڪاته، حضرت جن فرمايو”پهريون ڀيرو اوهان سلام جو جواب ڇو نه ڏنو هو؟“ گهر جي مالڪن نهايت عجز سان عرض ڪيو اسان جي دل ٿي گهريو ته اوهان ڪثرت سان سلام ڏيو، جيئن ڪثرت سان اسانجي مٿان مهر ۽ برڪت جي برسات وسندي رهي. آنحضرت ﷺ جن ڪنيز جي دير سان اچڻ جي معافي گهري. انهن دست بسته ٿي عرض ڪيو ”يا رسول الله ﷺ اوهان جي تشريف وٺي اچڻ تي هن ڪنيز کي هميشه لاءِ آزاد ڪيو ويو. حضور ﷺ جن فرمايو“ الحمد لله مون

پنهنجي زندگي ۾ اهڙا برڪت ڀريا 12 درهم نه ڏٺا آهن، جن جي وسيلي ٻه اگهاڙا ڍڪجن، ۽ هڪ ٻندو آزاد ٿي وڃي.“

ڇڏ تعلي ڪي اي انسان ڪر تواضع اختيار،
رتبه مسجد جو مناري جو آ گهٽ، محراب کان.
آهين رسول حق جو، تاثير آ دعا ۾،
ﷲ مونکي قبله هر دم دعا ڪندو رهه.

سخاوت:

آنحضرت ﷺ جن جي سخاوت جا هزارها مثال موجود آهن. پاڻ ﷺ هر ضرورت مند جي ضرورت پوري ڪندا، انيڪ مال ڏيندا، سوالين کي سوين اُٺ بخشي ڇڏيندا هئا. الغرض در حضور ﷺ تي جيڪو به آيو، مرادن جون جهوليون ڀري روانو ٿيو. سندن سخاوت جو معيار ايترو بلند ۽ بالا هو ڪڏهن به وٽن زر و مال نه رهيو. جيڪڏهن هديه وغيره جي ذريعي گهڻو مال ملي ويندو هو، ايتري تائين چين سان نه وهندا هئا، جيتري تائين اهو ضرورت مندن ۾ تقسيم نه ٿي وڃي. پاڻ صدقات

وڻڻ ۽ ذخيره گڏ ڪرڻ جي سخت خلاف هئا، سوالي جي سوال پوري ڪرڻ ۾ دير ۽ سستي ڪان ڪم وٺڻ، اچ سپاٽي ڪرڻ، دلاسو ڏيڻ، بي پرواهه ٿي هلڻ پسند نه ڪندا هئا. نه هجڻ جي حالت ۾ فرمائيندا هئا ته ميسر ٿيڻ تي ڏيندس.

سخي وٺ زر هجي ۽ ڪين ڏي، هي غير ممڪن آ،

ڪٿي مٺ ڪي رکي ٿو بند، جيتر هٿ ڪليل آهي؟

رهڻي ڪهڻي ۽ حسن سلوڪ

آنحضرت ﷺ جن زمين تي وهندا، سمهندا ۽ طعام تناول فرمائيندا هئا. فقيرن، مسڪينن سان گڏ ويهڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. خرمو کير يا پاٽي سان واپرائيندا هئا. ڪدو ۽ گدرو پسند ڪندا هئا. خود شڪار نه ڪندا هئا، مگر شڪار جو گوشت کائيندا هئا پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪپڙن کي پيوند لڳائيندا ۽ نعلين کي چتيون هڻندا هئا. خانئه اقدس جو در هٿ سان کوليندا ۽ بند ڪندا هئا. ٻڪرين ۽ اُنڻين جو کير ڏهڻ، اُنن کي هٿ سان نيل هڻڻ، گهرو ڪم ۾ حصو وٺڻ، نوڪر سان گڏ برابر ڪم ڪرڻ ضروري سمجهندا هئا. نماز جو وضو پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪندا هئا. ڪچهري ۾ بغير وهاٽي ۽ ٽيڪ جي

وهندا هئا. ڪاڌو ايترو ڪيندا هئا جيتري ضرورت سمجهندا هئا. ڪڏهن به اوڳرائي نه ڏنائون. جيڪو به ماڻهو دعوت ڏيندو هو وقت جي پابندي سان ان وقت پهچي ويندا هئا. جيڪا به چيز اڳيان ايندي هين بسم الله ڪري کائيندا هئا. ان تي ڪا به ٿيڪا ٽپڻي ڪا نه ٿيندي هئي، بک جي شدت سبب ڪڏهن پيٽ سان پٿر به ٻڌڻا پوندا هين. اڇا ۽ ٿلها ڪپڙا پائيندا هئا، يمني چادر ۽ نازڪ ۽ نفيس هوندي هئي، هرگز استعمال نه ڪيائون. ڪلهن تي سفيد چادر يا ڪاري ڪملي هوندي هين.

خدا ۽ محمد جو آ نور واحد،

ڪٿي تون خدا کان جدا ڪملي وارا؟

سر تي دستار مبارڪ، جسم تي پهراڻ، هيٺ پاجامه پائيندا هئا. پاجامو پائڻ وقت سڄي پاسي کان ابتدا ڪندا هئا. هڪ قيمتي لباس به هوندو هين. اهو جمع جي ڏينهن پائيندا هئا ۽ نماز پڙهائيندا هئا. سفر يا گهر ۾ هڪ سفيد چادر هوندي هين، ان کي پيٽو ڪري، مٿان تشريف رکندا هئا. اها آئي وئي لاءِ به ڪتب آڻيندا هئا. بدبوءِ کان نفرت، خوشبو کي پسند فرمائيندا هئا. آنحضرت جن اُٺ، گهوڙي

۽ گڏھ جي سواري ڪئي آھي. بغير زين يا پلاڻ جي به سواري فرمائيندا ھئا. سواري تي خادم کي به پيلھ ڪٽندا ھئا. پيادل، پيرين اگھاڙي ھلڻ ۾ به ڪين ڪيٻائيندا ھئا.

عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي عزت ڏيندا ھئا. مھمان جي خدمت ڪندا ھُئا ۽ ان کي سيرانڌي جي پاسي کان وھارڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا. حق چوڻ ۾ ڪڏھن به دريغ نه ڪيائون. پلي ٻڌڻ وارو راضي رھي يا ناراض، ان جي پرواھ نه ڪندا ھئا.

حق چوڻ کان ڪين ھٽبو، حق پرستي آ اصول

راۃ حق ۾ سر ڏيڻ واري کي چئبو آ شھيد.

حاصل ڪلام

آنحضرت ﷺ جن جي مثالي ۽ سبق آموز زندگي اسان جي لاءِ مشعل راہ آھي. سندن رھڻي ۽ ڪھڻي، ادب ۽ اخلاق، لطف ۽ ڪرم، معافي ۽ مروت، صبر ۽ تحمل، اراده جي پختگي ۽ توڪل بر خدا، سادگي ۽ صداقت، فقر ۽ فاقه، فرض شناسي ۽ ديانتداري، وقت جو قدر ۽ وعده وفائي، عنايت ۽ سخاوت، ايثار ۽ قرباني، مساوات ۽

محبت، عبادت ۽ رياضت، صرفه ۽ قناعت، حق گوئي ۽ حق پرستي، دليري ۽ شجاعت، همت ۽ بي باڪي، بردباري ۽ حيا وغيره.

بُرن سان به جيڪو ڪري ٿو ڀلائي،

مونکي فخر آهي، انهيءَ مهربان تي.

آنحضرت ﷺ جي سيرت ۽ عملي زندگي جي ڪهڙي تعريف ڪجي؟ اسان کي اُنهن جي اخلاق جي وسعت ۽ آثار جي نمايان نقش تي هلڻ گهرجي، ان جي تقليد ڪرڻ ۾ فخر سان گڏ دنيا ۽ عقبيٰ جي بهتري ۽ ڀلائي آهي.

رهبرِ عالمين، مرسل آ،

خضر پارن جو انتظار نه ڪر.

۽ فضول خرچي نه ڪريو، ڇو ته فضول خرچي ڪرڻ وارن کي الله پسند نه ٿو ڪري(القرآن)

*ماءُ ۽ پيءُ سان (سٺو)سلوڪ ڪندا رهو ۽ رشته دارن يتيمن ۽ محتاجن سان(به) ۽ ماڻهن سان سهڻي

نموني(نرمي سان) ڳالهايو ۽ نماز پڙهندا ۽ زڪوات ڏيندا رهو(القرآن)